فرح بلوچ

# سچل جو خودشناسي کان خداشناسي وارو نظريو

***Abstract***

**Sachal's, Principle of 'Know thy self….. and then to enter His kingdom'**

*Sachal Sarmast…. Abdul Wahab Farooqi is the Sufi poet of Sindh and a par excellence in the field of Sufism. His poetry is a lesson on the relationship of man and his creator.*

*Sachal puts stress on the relationship of a man and tells us the path, of reaching excellence which is the nearness of a man, when the man achieves sublimity, dignity and superiority among the creation of supreme creator, viz: Almighty Allah. He has quoted from the holy Book, the ways and means, the indicators and vision, through which man after knowing himself fully, qualities to know HIM.*

*Some more quotations have been taken from other writers whose creative thought is in nearness to Sufistic thought. The important among those are, 'Bedil', 'Naseer Faqir', 'Hamal faqir'…. and others. References have been quoted from their poetry also.*

*Sufism, teaches a man to achieve, learn and practice, all those lessons and sublime practices, through the inner self of a man and them become free from, greed, gluttony and malice. By so doing, he knows himself and after that, he is able to know Him and learn His Lessons of being polite, courteous and Loving person.*

*Such is the world of Sufism, where in the followers preach. Love, brotherhood and service to His creation. Thus the poetry of Sachal and his co-thinker and followers go galloping on the path of Eternity. A few glimpses of Knowing thyself and then HIM have been given in this paper.*

قديم زماني کان انسان پنهنجي ذات ۾ ڪائنات جي رنگينين ۾ رڌل رهندو آيو آهي. انهيءَ سبب جي ڪري پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ ۽ اندرئين اونهائين تي سوچ ويچار ڪرڻ ۾ صوفين، ولين، بزرگن ۽ فيلسوفن جو مکيه ڪردار رهيو آهي. اهو سلسلو

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آڳاٽي وقت کان وٺي، اڄ سوڌو هلندو پيو اچي. اها سوچ، ته انسان جي اچڻ جو مقصد ۽ هن ڪائنات جو وجود ۾ اچڻ جا ڪهڙا راز رهيا آهن. انهيءَ سلسلي ۾ مختلف دؤرن ۾ صوفين بزرگن الله جي پيغام کي هين تائين رسائڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي ته جيئن انسان ۾ خودشناسيءَ کان پوءِ خدا شناسيءَ تي پهچڻ ۾ سولائي ٿئي ۽ هو ان نه سمجهڻ واري فلسفي کي سولائيءَ سان سمجهي سگهي. نه فقط صوفي بزرگن، پر قديم ۽ جديد ڏاهن به خود شناسي ۽ خود آگاهيءَ تي زور ڏنو آهي ته جيئن انسان غور ۽ فڪر ڪري.

سنڌ جي صوفي بزرگن مان حضرت سچل سرمستؒ به انهيءَ سوچ رکندڙن مان هڪ وڏو صوفي شاعر آهي، جنهن انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو ۽ پنهنجي حقيقت ۽ خودشناسيءَ واري اسرار کي هيئن بيان فرمايو:

وفي انفسڪم افلا تبصرون، ويجهو ڪيم وسار،

وفي انفسڪم افلا تبصرون، ترجمو: ”۽ پنهنجو پاڻ ڏانهن ڇو نٿا نهاريو؟“

ونحن اقرب اليه من حبل الوريد، ويجهي ڪنڌؤ واه،

ونحن اقرب اليه من حبل الوريد (سورة ق، رڪوع 2، پاره 26)، ترجمو: ”اسين زور ويجها آهيون، ان ڏانهن ان جي ساه واريءَ رڳ کان“.

فاينما تولوا فثم وجه الله، (سورة بقر، رڪوع 14، پاره الم)، ترجمو: ”پوءِ جيڏانهن منهن ڪندو، اتي آهي منهن الله جو“.

وهو معڪم اينما ڪنتم، (سورة حديد، رڪوع 1، پاره 27)، ترجمو: ”۽ اهو توهان ساڻ آهي جتي هجو توهان“.(1)

سچل سرمستؒ جي شاعري، صوفي شاعرن جي فڪر ۽ درس جو اعليٰ نمونو آهي، جنهن ۾ خالق ۽ مخلوق جي لڳ لاڳاپي جي حقيقت کي بنياد بڻائي خوداعتمادي ۽ خوشناسيءَ جو پيغام ڏنو ويو آهي. پاڻ سنڌ ۽ هند جو واحد شاعر آهي، جنهن مختلف ٻولين ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي. سندس شاعري هر طبقي ۽ ٻوليءَ جي ماڻهن لاءِ هڪ سبق طور آهي، جنهن جو پڙاڏو پري پري تائين سُرن ۾ پکڙيل آهي.

سندس ڪلام ۾ سوز، انتظاري، بيقراري، جوش، جولان، موج مستي، حيرت، عبرت، حقيقت، معرفت ۽ انسان جي عظمت جو اظهار ٿئي ٿو. هو خودشناسي، خداشناسي، خود فراموشي ۽ انسان دوستيءَ جو پيغام ٿو ڏئي. ان کان سواءِ رس رچاءُ،

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

رواني، بيخودي، وجد، حال ۽ قال جي ڪيفيت بہ نظر اچي ٿي. انهيءَ حالت ۾ ”انا الحق“ جو نعرو هنيائين.

قرآن شريف ۾ پڻ آيل آهي تہ: اناالله خلق آدم علي صورته، يعني: ”تحقيق الله تعاليٰ آدم کي پنهنجي صورت تي پيدا ڪيو، خلقيو“.(2)

جي تو ڄاتو ”پاڻ“، تہ ’آءُ‘ ٻيو آهيان،
ڪنڊءِ غرق ُگمان، ڳهلا انهيءَ ڳالهہ ۾.

سچلؒ جي شاعري معنيٰ، مفهوم ۽ فني لحاظ کان ڪنهن بہ طرح دنيا جي عظيم شاعرن کان ڪنهن بہ طرح گهٽ ناهي. ٻين شاعرن جي ڀيٽ ۾ سچل جي شاعري ۾ هر ڳالهہ کلي کلائي ۽ صاف اکرن ۾ بيان ڪيل آهي. مثال طور ائين کڻي چئجي تہ جيڪڏهن شاهہ لطيف جي شاعري ڪکر ۽ مينهن آهي، تہ سچل سرمست جو ڪلام جهنگ کي باهہ ڏيڻ جي برابر آهي.

سچ تا مرد چون، ڪنهن کي وٽي نہ وٽي،
ياريءَ جو دم، ڪوئي هٽي نہ هٽي.
اسين آهيون! ڇا اسين آهيون،
ٻيلي نتا ڄاڻون، ڇا اسين آهيون.

هو غور ۽ فڪر جو شاعر آهي ۽ اعليٰ فڪر پيش ڪري ٿو، سندس سوچ تمام مٿانهين ۽ اعليٰ درجي جي آهي، جنهن ۾ خيال ۽ فڪر جي آزادي آهي، انسان جي زندگي، مزاج ۽ فطرت جو تجزيو آهي. سندس خيال ۽ فڪر تصوراتي نہ، پر ان جي عملي صورت پيش ڪري ٿو ۽ پيغام پهچائي ٿو، پر افسوس جو سندس پيغام کي پرکڻ وارا ڪونهن. انهيءَ ڪري چوي ٿو:

ڪنهن سان ڪيم نہ ڪل، جو سودو آندم پاڻ سان.(3)

سچلؒ ساڃاهہ جو شاعر آهي، هن پنهنجي شاعريءَ ۾ انسان کي زندگيءَ ۾ پيش ايندڙ مسئلن ۽ تقاضائن جي اپٽار ڪندي، انساني ڀلائيءَ جي واٽ ڏيکاري آهي. پنهنجي نفساني خواهشن کي ترڪ ڪري، انسان کي حقيقت جي منزل کان آگاهہ ڪرڻ جي راهہ ڏيکاري آهي. ڇاڪاڻ تہ جيستائين اندر جي صفائي ظاهر نہ ٿيندي، تيسين هو ان منزل کي ماڻي نہ سگهندو. الله سائين بہ ”نيت صاف منزل آسان“ جي ور ور تلقين فرمائي آهي. حسد انسان کي اندران خالي ڪيو ڇڏي. انسان ٻنهي جهانن مان نڪريو

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

وڃي. جڏهن هو انهن ڳالهين مان سرخرو ٿي پوندو ته پاڻ کي فنا ڪرڻ سان ئي سندس وصال ٿيندو.

حضرت سچل سرمستؒ پنهنجو فڪر ۽ پيغام بيان ڪرڻ وقت ڪيترن جاين تي قرآن شريف جون آيتون به ڪم آنديون آهن، جنهن جي صوفياڻي سمجهاڻي به ڏني آهي. آدم جي تخليق ۽ فطرت تي روشني وجهندي مثنوي عشق نامہ ۾ فرمائي ٿو:

آن ڪہ الیٰ علم است آگاهہ زد،
هم چو مالا يعلمون رمزي شود.(4)

سچلؒ سرمست جو نظريو ۽ سوچ لامحدود آهي، هن ڪنهن هڪ موضوع کي ناهي ڪيو، سندس شاعريءَ ۾ مذهبي رواداري ۽ عشق جي رمزن کي به بيان ۾ آندو ويو آهي. جيئن هڪ هنڌ چيو ٿس:

سوئي ڪم ڪريجي، جنهن وچ الله آپ ٻٽيجي(5)

هن جي نظر انهن مسڪينن تي به آهي جنهن جون جهوپڙيون گهٽي برسات پوڻ ڪري ڳهري پيون آهن. پاڻ انهن لاءِ ڏٽي در دعا گهرندي چوي ٿو:

اول آنـدي آئـي، پـويـان جـهـڙ جـهـجـهـو،
نـڪـو اولـو آسـرو، نـڪـو اوٽ اجـهـو،
ڏهلـيـن ڏجـهـو، تـن کـي پـرور رک پـنـاهـہ ۾.(6)

سچلؒ خودشناسيءَ واري پيغام، ۾ انسان جي آتما / روح کي واپس دنيا ۾ ئي ڇڏڻ جو چوي ٿو ۽ هن دنيا سان لنئون لڳائڻ کان جهلي ٿو. ُهن پـنـهـنـجي شاعـريءَ ۾ وحدت الوجود جا درجا بيان ڪيا آهن: مخاطب ٿيندي چوي ٿو: ”انسان الله جو عـڪـس آهي، اي بندا! هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪڻ کان ڪجھ ڪين ورندئي ڇاڪاڻ ته الله تـه انسان جي شه رڳ کان به ويجهو آهي. سو تون اهڙو ڪم ڪر جو تنهنجو رب تـو مـان راضـي ٿئي.“

صـورت سـڀ انـسـان جـي آئـي عـشـق اصـل،
خـلـق آدم عـلـیٰ صـورت، جـزو جـهـڙو ڪـل،
الانـسـان سـري وانـا سـچ سـچـا پـيـو صـل،
پـول نـہ ٻـي تـون پـل، هـتـي هـتـي هـڪ اٿـي.(7)

پاڻ سڃاڻڻ جو مطلب، ته انسان پنهنجو پاڻ ۾ ڇا آهي؟ واري سوال کي پيو

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پتوڙيندو آهي تہ هو هن وقت پنهنجن کھڙين چڱاين ۽ برائين کي منهن ڏئي رهيو آهي، سندس اندر جي خامين ۽ نيتن جو کھڙو ڪردار آهي، ۽ تاريخي حوالي سان ڪٿي بيٺو آهي وغيره وغيره. وجوديت مطابق جيڪڏهن زندگيءَ جي مقصديت مان نڪرڻو آهي تہ انسان کي مسلسل عمل جي راهہ اختيار ڪرڻي آهي، جنهن لاءِ ضروري آهي تہ هو پنهنجي پاڻ سڃاڻڻ يا خود شناسي حاصل ڪري. اشرف المخلوقات ٿيڻ جي معنيٰ اها ئي آهي تہ هو ٻين مخلوقن کان مٿانهون آهي. صرف هن جو مقصد ڪائڻ، پيئڻ ۽ سمهڻ هرگز ناهي. الله تعاليٰ جي ذات انسان کي ذهن ڏئي اعليٰ تر بڻائي ڇڏيو آهي. انسان پنهنجي ڄاڻ ڪري پنهنجي لاءِ جاکوڙي ۽ پنهنجي اصليت جي ڄاڻ حاصل ڪري، ڇو جو ان ذريعي هو ترقيءَ جي بلنديءَ تي پهچي سگھي ٿو.(8)

پاڻ سڃاڻڻ آيو، ڙي، سڃڻ پاڻ سڃاڻڻ آيو، ڪم نہ ُهيڙس ڪو ٻيو!

(سچل جو سنڌي ڪلام، ص: 61)

’وصلت نامہ‘ ۾ سچل سائين چوي ٿو:

” جڏهن فڪر جي بنياد تي ڪُل انسانيت کي هڪ ڪري ڄاڻبو، تہ تعصب وچان ئي نڪري ويندو ۽ پوءِ ننڍين ننڍين ڳالهين، تنگ نظرين، ذات پات، رنگ نسل ۽ زبان تي ويڇي جي گنجائش ئي نہ رهندي. سوچ جي محدود دائري اندر رهي، وسيع انسانيت بابت ڇا سوچي سگھبو!“ هو جيتوڻيڪ ذات پات، ڌرم دولت کي بنهہ نٿو پسند ڪري ۽ شيخي ۽ مخدوميءَ کي هنڌ هنڌ رد ٿو ڪري. هڪ انسان ٻئي کان رڳو دنيوي مرتبي جي ڪري مٿانهون ناهي، بلڪ پنهنجي اخلاق، نيت ۽ نوڙت جي ڪري سندن مان مٿانهون ۽ ڪيس عزت ۽ وقار ملي ٿو.

سچل سائين همت سان اڳتي وڌڻ ۽ پنهنجن ويچارن کي آشڪار ڪرڻ جي تلقين ڪري ٿو. ” پنيءَ ڄيج مَ ڄُل“ چئي سالڪ کي همت سان اڳتي وڌڻ لاءِ اتساهي ٿو. هڪ شارح محمد اسلم رسولپوري چوي ٿو: ”مذهبي رواداري حقيقيت ۾ انسان دوستي آهي.“(9)

انسان دوستي ۽ عالمي ڀائيچاري جو ويساهي اهو ٿي سگھي ٿو، جو بنيادي طور آدم جي عظمت جو قائل هجي. سچل سرمست نبين، ولين، صوفين ۽ بزرگن کي آدم جي حوالي سان سڃاڻندي چوي ٿو:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آدم معنيٰ جمالِ دوست دان،

هر چہ غير اوست پوست دان. (وصيت نامہ)

صرف سنڌ جي حوالي سان ئي انسان پائپي ۾ مختلف مذهب سان تعلق رکندڙ هڪ ئي لڙيءَ ۾ ڏسڻ ايندا. سنڌ ۾ مسلمان صوفي درويشن جا هزارين هندو مريد آهن، جنهن ۾ شاه عبداللطيف ڀٽائيؒ سچل سرمستؒ شاه عنايت شهيدؒ بيدل فقير، نصير فقير، روحل فقير، حمل فقير وغيره گهڻا ئي صوفي بزرگ آهن. جن جا بيشمار هندو مريد آهن ۽ اهي سيئي تعصب ۽ ڪيني کان پاڪ آهن.

ڪلياڻ آڏواڻي لکي ٿو: ”سچل مذهب کي صحيح معنيٰ ۾ ورتي ٿو. يعني پاڻ سڃاڻڻ ۽ ساري مخلوق لاءِ هڪ درشتي رکڻ، جيئن ايشور سمر درشتي رکندڙ آهي، تيئن عاشق بہ، نہ تہ عاشق خدائيءَ جي دعويٰ ڪيئن ٿو ڪري سگهي“.(10)

ائين ڪٿي چئجي تہ ٻيائي ۽ ڏوکي فريب کان جيترو پري رهجي تہ ان سان الله جي نزديڪ ٿيندو ويندو، جو گناهن کي گهٽائڻ سان مؤمن بندو الله جي قريب تر ٿيندو ويندو آهي. سچل سائين دوئيءَ کان آجو رکڻ لاءِ چوي ٿو:

ما و من بگذار از دوئي،

تا درين ره مرد صاحب سر شوي.

يا

ڪافر مومن هڪڙو، ’سچو‘ ٻوڙج ٻيائي.

(سچل جو سنڌي ڪلام، ص: 57)

ٻيائيءَ کي سچلؒ پاڻ کان دور رکندي، هو پيري مريديءَ کان بيزار آهي، جو چوي ٿو:

نہ مان مريد نہ مان پير، ساري فقر فقير،

نہ مان حاڪم نہ مان ظالم، آهيان امن جو امير.

امن جي خواهش موجوده دنيا ۾ تہ اهم آهي ئي، پر سچل جي دؤر ۾ بہ ان جي اهميت هئي. آغا صوفي لکي ٿو: ”اسين ڇا آهيون؟ هڪ ڳوڙهو سوال آهي، جنهن لاءِ سچل سائين ٻڌائي ٿو تہ ظاهر ۽ باطن سڀ خدا آهي. سوچڻ سان حيرت جي دنيا ۾ غرق پيا ٿيندا وڃون. اجايو ”مان“ ۽ ”تون“ جي چڪرن ۾ وينا وقت جو ذيان ڪيون.“ (11)

انسان اڃان سوڏو انهيءَ تون ۽ مان واري ويڙهہ مان نڪتوئي ڪين آهي. جنهن

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڏينهن انسان کي ان جو جواب ملي ويندو، پاڻهي رب جي وحدانيت ۽ هيڪڙائيءَ کي محسوس ڪندو، ڇو جو اول ۽ آخر اهوئي آهي، بنا ڪنهن شڪ ۽ گمان جي. هر نظر هر فڪر ان ڏانهن ئي ڇڪجي ٿو وڃي، پر انسان ايترو مجبور ۽ مصروف آهي، جو اوڏانهن نظر نٿو ڊوڙائي، جيئن سچل چوي ٿو:

صورت ۾ جاءِ هر جي، هر ريءَ نہ صورت ڪم جي،
هر ۾ جا لذت غم جي، وهہ واهہ ڳالهہ خاصي.

انسان پنهنجي ذات کي جيستائين فنا نٿو ڪري، تيستائين هو ان وحدانيت جي تصور ۾ نٿو سمائجي. حضرت جنيد بغدادي فنا جا ٽي درجا بيان ڪيا آهن:

**پهريون:** طالب پنهنجي صفات اخلاق ۽ مزاج جي قيد کان آزاد ٿي وڃي.

**ٻيو:** طالب پنهنجي نفس جي لذت کان بلڪل دست بردار ٿي وڃي.

**ٽيون:** طالب تي رباني تجليات جو ايڏو غلبو ٿي وڃي، جو سندس موجود وجود جي حقيقت سندس اکين کان اوجهل ٿي وڃي. هن درجي جو مقصد تہ انسان، انهيءَ شعور کان بہ عاري ٿي وڃي ۽ هوريان حق جي مقام تي پهچي.

مثنوي ’گداز نامہ‘ ۾ بہ وحدت الوجود جو مسئلو دليلن سان ثابت ڪيو ويو آهي. مثال طور:

برف آرد روئي سوئي آفتاب
مي گدازد محو گردد گشت آب.

برف جڏهن سج ڏانهن تي منهن ڪري، تہ ڳري وڃي ٿي ۽ پاڻي ٿيو پوي.

اصل آن اب است آب برف،
برف آن آب است بشنو اين صرف.

اصل اهو پاڻي هو، جنهن مان برف ڄمي، برف اهو ساڳيو پاڻي آهي. هيءُ لفظ سمجهہ.

چون هستي خود بيايد برف گشت،
چون گداز برف از هستي برفت.

جڏهن هٺ ۾ آئي، تہ برف ٿي ۽ جڏهن وري ڳري ويئي، تہ هن جي هستي هلي ويئي.

صد تصرف زد شد بعد از گداز،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

گشت کار او سبزه ها کرده فراز.

ڳرڻ کان پوءِ هن مان سوين کم ٿيا، ان مان ڪي ٿي کيتيون ۽ سبزيون آباد ٿيون.(12)

هن مان ثابت ٿيو ته انسان جي وجود جي ڪابه حيثيت ڪانهي، برف جي تشبيهه انسان سان آهي. هو ان ڪُل جو جُز آهي ۽ جڏهن اهو جُز يعني انسان ان ڪُل معنيٰ الله جي ذات پاڪ سان ملي ٿو وڃي ته فنا ٿو ٿي وڃي ۽ اها ئي هڪ منزل آهي خدا جي ويجهو وڃڻ جي ۽ پوءِ مؤمن ۽ الله جي وچ وارا فاصلا ختم ٿيو وڃن. هو الله جي راهه ۾ پاڻ کي ڇڏي ٿو ڏئي.

سچل سائين پاڻ سڃاڻڻ لاءِ تلقين ڪندي چوي ٿو ته، جيڪڏهن تون پنهنجو پاڻ کي سڃاڻندين ته توکي پاڻ ۾ ئي انهيءَ ذات مطلق جو جلوو جاري ۽ ساري نظر ايندو. ان لاءِ هن کير، مکڻ ۽ سنياڻ جو مثال ڏنو آهي. چوي ٿو ته، اهي سڀ جدا جدا شيون ۽ جدا جدا ذائقي واريون آهن، پر حقيقت ۾ اهي انهيءَ کير مان ئي نروار ٿيون آهن. اهڙيءَ طرح ڪائنات ۾ جيڪي جدا جدا مظهر نظر اچن ٿا، اهي سڀ ان هڪ ذات مان ئي وجود ورتل آهن. چوي ٿو:(13)

تو ڪيئن وڃايو پاڻ ڳولي لهج پاڻ کي!
پاڻ وڃايو نه لهين، پڇي شڪ گمان!
آخر گڏيئي گهر ۾، ميان سوئي گهرُ سڃاڻ.
مکڻ اکر هيڪڙو، ميان سوئي کير سنياڻ.
آهين ناهين آهه سپوئي، آهه نڪوُ لهجاڻ.
ڇاجي ٿيندو، ڇا جي ليندو، صورت وچ سُڃاڻ.
’سچو‘ تي سَچ آئيو، ماڳ انهيءَ مهمان. (14)

سچل سائين جي شاعري صوفي شاعرن جي فڪر ۽ درس جو اعليٰ نمونو آهي، جنهن ۾ خالق ۽ مخلوق جي لاڳاپي جي حقيقت کي بنياد بڻائڻ خود اعتماد ۽ خوش شناس جو پيغام ڏنو آهي: ”جيڪڏهن چاهين ته ڪمال حاصل ڪيان ته هي تصور ڪر ته دنيا ۽ دنيا وارا بلڪ جيڪي به دنيا ۾ آهي سو سڀ ظهور هن هڪڙيءَ حقيقي ذات پاڪ جو آهي، پوءِ تون جتي به هجين ان حقيقت سان ڪنو هج ۽ ڪابه جاءِ هن کان سواءِ خالي نه سمجهه.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پنهنجي دل ۾ انهيءَ تصور کي اهڙو قائم ڪر، جو تنهنجي دل يقين سان ڄاڻي ته جيڪا به صورت آهي، سا ان جو مظهر آهي، بلڪ سڀ ان جو ئي عين آهي. ڪوبه ڪم ڪار ڪرين ته ائين سمجھ ته سمجھ ڪار ۽ وهنوار ۾ هو(ڏٽي) پلپل موجود آهي. ڏسندڙ به هو ته ٻڌندڙ به هوئي آهي.“(15)

مطلب ته سرمست جو سارو شعر ”لاموجود الاالله“ سان معمور آهي. جيڪڏهن شيخ اڪبر ٿو چوي ته، ”خلق ۽ خالق جي وچ ۾ جيڪڏهن ڪو فرق آهي ته فقط اعتباري فرق آهي، حقيقت ۾ جو خالق آهي اهوئي خلق آهي ۽ جو خلق آهي سوئي خالق آهي.“ ته ميان عبدالوهاب به هيئن ٿو چوي:

پاڻ پنهنجو پاڻهي، صورت منجھ سڃاڻ،
الله الله چو چوين، پاڻ ئي الله ڄاڻ،
تون ئي ٻڌندڙ، تون ئي ڏسندڙ، شاهد آ قرآن،
ناهي شڪ گمان، ’سچو‘ سائين هيڪڙو.

سچل سائينءَ جي فڪر ۽ فلسفي جي حوالي سان معلوم ٿئي ٿو ته، انسان کي محنت ۽ ڪوشش سان گڏ توڪل واري واٽ به وٺڻ گهرجي. هو پنهنجي نفساني خواهشن جي پويان ايڏو نه ڊوڙي جو ڪمزورن کي لتاڙيندو وڃي. بلڪ هنن کي سهارو ۽ واٽ ڏيکاري. خود شناسي انسان کي صحيح عمل ۽ الله تعاليٰ جي محبت ۽ رضا جو درس ڏئي ٿي، جو مستي، محبت جو انتهائي درجو آهي. حق جي راه ۾ سِر قربان ۽ پاڻ کي فنا ڪرڻ، پاڻ ۾ خالق جون وصفون پيدا ڪرڻ جي برابر آهي. سچل سرمست انهن حقيقتن کان آگاهه ڪيو آهي، چوي ٿو ته، جيسين نفس جي نفي نه ڪندين، پنهنجو پاڻ نه سڃاڻندين، تيستائين روحاني طريقا به توکي حقيقي فائدو پهچائي نه سگهندا.

هئين آپ الله، ڏوجها ڪوئي نهين،
تون هين مست موالي آهين، تون هين شهنشاهه،
’سچو‘سچ اهوئي آهين. هوش رکين هر گاهه.

## حوالا

1. راڻيپوري، عثمان مولانا حڪيم محمد صادق، ’ سچل سرمستؒ جو سرائيڪي ڪلام ‘، 1982ع، ص: 42.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

2. ساڳيو، ص: 43.

3. سنڌي، ميمڻ عبدالمجيد، ڊاڪٽر، ’سچل جو پيغام‘، مهراڻ اڪيڊمي، 2004ع، ص: 125.

4. ساڳيو ص: 126.

5. ساڳيو، ص: 207.

6. مٿلاڻي، ٻلديو: سچل جون واديون: سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد: سال 1994ع، ص: 85.

7. آغا، صوفي: سچل سرمست: ص: 73.

8. رسولپوري، محمد اسلم، ’منتخب سرائڪي ڪلام‘ سچل سرمست بزم ثقافت ملتان، 1977ع، ص: 18.

9. آڏواڻي، ڪلياڻ جي، ’سچل دولت‘، پرنٽنگ پريس بمبئي، سال: 1954ع، ص: 19.

10. صوفي، آغا، ’سچل سرمست‘، ص: 148.

11. سنڌي، ميمڻ عبدالمجيد، ڊاڪٽر، ’سچل جو پيغام‘، مهراڻ اڪيڊمي، 2004ع، ص: 148.

12. ساڳيو ص: 52.

13. انصاري، عثمان علي، ’سچل سرمست ۽ سنڌي ڪلام‘، 1982ع، ص: 59.

14. قاضي، علي اڪبر: سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام، 1995ع ص: 21.

15. انصاري، عثمان علي، سچل سرمست جو سنڌي ڪلام، 1982ع، ص: 20.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair